

اميراهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ مان ورتل رسالو بنام

# خوف خدا ۾ روئڻ جي فضيلت

سنڌي


شيخِ طريقت، اميرِ اَهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مولانا ابو بلال

**مُحَمَّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي**

دامت برڪاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي
پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)


رسالي جو نالو: **خوفِ خدا ۾ روئڻ جي فضيلت**

ڇاپو پهريون: صفرالمظفر 1444ھ ، سيپٽمبر 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ
۾ اڱتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

## جي ڪتاب ”نيڪي جي دعوت“ مان ورتل رسالو

# خوف خدا ۾ روئڻ جي فضيلت

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## خوف خدا ۾ روئڻ جي فضيلت 1

دُرود شريف جي فضيلت ........ 1
روئڻ وارن جي صدقي ﻧ روئڻ وارن جي بخشش ........ 1
مک جي متي برابر لڙک ........ 2
هڪ ميل تائين سيني جي ڳُڙڳُڙاهٽ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو! ........ 3
سرڪار مدينہ کان پوءِ ڪنهن جو رتبو آهي؟ ........ 3
وڻ ٽڻ ﺑہ روئڻ لڳا ........ 4
جنّت ۽ جهنّم جي وچ ۾ هڪ گهاٽي آهي ........ 5
لڙڪ جي هر قطري مان هڪ فرشتي جي پيدائش ........ 6
روئڻ وارو هرگز جهنم ۾ داخل ﻧہ ٿيندو ........ 6
خوف خدا سبب روئڻ وارو بخشيو ويندو ........ 7
جيڪڏهن اوهان نجات چاهيو ٿا ﺗہ ........ 8
بي انداز برسات شروع ٿي وئي ........ 8
برسات جي پاڻي سان بيمارين جو علاج ........ 9
خوفِ خدا سان روئڻ سنت آهي ........ 10
روئڻ جهڙي صورت بڻائي وٺو ........ 11
متي ۽ ڏاڙهي ۾ اَٿو چيندڻ جي انوکي وصيت ........ 12
اچا وار قيامت ۾ نور هوندا ........ 13
ڳوڙها ﻧہ اُگهڻ جي فضيلت ........ 14

گهر ۾ لڪي ڪري روئڻ افضل آهي ........ 14
ڳوڙهن ڪي ڏاڙهي سان صاف ڪندا ها ........ 15
روئڻ نہ اچي تہ ڪوشش ڪري روئو ........ 16
الله پاڪ لڙڪ جي هڪ قطري سان باهہ جا ڪيئي سمنڊ وسائي ڇڏيندو ........ 16
هڪ هزار دينار صدقو ڪرڻ ........ 17
زمين تي ڪرندڙ لڙڪ جي قطري جي فضيلت ........ 17
خوف خدا کان نڪرندڙ لڙڪ جو قطرو جنتي حور چهري تي ملي ڇڏيو ........ 18
گناهن جي باوجود خوش رهڻ جهنم ۾ ڪيرائي سگهي ٿو ........ 18
بيباڪي سان گناهہ ڪرڻ تمام سخت آهي ........ 19
... تہ ٿورو کلو هاءِ وڌيڪ روئو ها ........ 20
اي کِلي کِلي ڪري گناهہ ڪرڻ وارؤ! ........ 20
رقت انگيز دعا جي اثر ڪتي کان ڪتي پهچائي ڇڏيو ........ 21
دل ڏڙڪائڻ واري هڪ سچي داستان ........ 24

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# خوف خدا ۾ روئڻ جي فضيلت

**دعا عطار:** ياربَّ المصطفيٰ! جيڪوبہ مڪمل رسالو ”**خوفِ خدا ۾ روئڻ جي فضيلت**“ پڙهي يا ٻُڌي وٺي، اُن کي پنهنجي خوف سان روئڻ جي توفيق عطا فرماءِ ۽ اُن کي بي حساب بخشي ڇڏ.

## دُرود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نماز کان بعد حمد ۽ ثناء ۽ درود شريف پڙهڻ واري کي فرمايو: ”دعا گهر قبول ڪئي ويندي، سوال ڪر، ڏنو ويندو.“

(نسائي، ص ٢٢٠، حديث:١٢٨١)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! خوفِ خدا ۽ عشق مصطفيٰ ۾ روئڻ هڪ عظيم الشان ”**نيڪي**“ آهي، ان ڪري حصول ثواب جي نيت سان هن نيڪي جي ترغيب تي مبني نيڪي جي دعوت پيش ڪندي روئڻ جا فضائل بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. ڪاش! اسان بہ سنجيدگي اپنائڻ ۽ خوفِ خدا ۽ عشق مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۾ ڳوڙها وهائڻ وارا بڻجي وڃون.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب      صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## روئڻ وارن جي صدقي نہ روئڻ وارن جي بخشش

سنّتن ڀريي اجتماعن، سکڻ سيکارڻ جي مدني حلقن ۽ اجتماع ذڪر و نعت جي بہ ڇا ڳالھ آهي! ڪوشش ڪري شروع کان آخر

تائين انهن ۾ شرڪت ڪرڻ گهرجي، نہ ڄاڻي ڪڏهن ڪنهن جي دل چوٽ کائي وڃي، ان تي رقت طاري ٿي وڃي ۽ قلبي اخلاص سان ان جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳن ۽ ان کي رحمت پنهنجي آغوش ۾ وٺي ۽ ان مُخلِص ٻانهي جي اِخلاص جي برڪت سان اتي موجود هر مسلمان جي مَغفِرت ڪئي وڃي، اِجتماعِ خير ۾ روئڻ واري جي برڪت سان مغفرت وارن جي ڪثرت جو اندازو هن حديث شريف مان لڳايو. جيئن هڪ ڀيري سرورِ ڪونين ناناءِ حَسنَين صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خطبو ڏنو تہ حاضرين مان هڪ شخص روئي ڏنو، هي ڏسي پاڻ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪڏهن اڄ توهان جي وچ ۾ اهي تمام مومن موجود هجن ها جن جا گناهہ جبلن جي برابر آهن تہ هن هڪ شخص جي روئڻ جي ڪري انهن کي بخشيو وڃي ها ڇوتہ ملائڪ بہ ان سان گڏ روئي رهيا هئا ۽ دعا ڪري رهيا هئا: اَللّٰھُمَّ شَفِّعِ الۡبَکَّائِیۡنَ فِیۡمَنۡ لَّمۡ یَبۡكِ يعني اي الله پاڪ! نہ روئڻ وارن جي حق ۾ روئڻ وارن جي شفاعت قبول فرماءِ.

(شعب الايمان ج 1 ص 494 حديث 810)

حضرت مولانا روم رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا:

هر ڪُجا آبِ رَواں غُنچہ بُوَد　　　هر ڪُجا اَشڪِ رَواں رَحمت بُوَد

(جڏهن آسمان مان بارش ٿيندي آهي ته زمين تي مکڙيون ۽ گل ڦٽندا آهن ۽ جڏهن خوفِ خدا مان ڪنهن جي اک مان لڙڪ وهندا آهن ته رحمت جا گل ٽڙندا آهن)

## مک جي مٿي برابر لڙڪ

فرمانِ مصطفي صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جنهن مؤمن جي اکين مان الله پاڪ جي خوف سبب لڙڪ وهندا آهن جيتوڻيڪ مک جي مٿي برابر

هجن پوءِ اهي لڙڪ ان جي چهري جي ظاهري حصي تائين پهچن تہ الله پاڪ ان کي جهنم تي حرام ڪري ڇڏيندو آهي.

(ايضاً ص شعب الايمان ج 1 ص 491 حديث 802)

قلبِ مُضطَر چشمِ تر سوزِ جگر سینہ تپاں  طالبِ آہ و فُغاں جانِ جہاں! عطارؔ ہے

(وسائلِ بخشش ص ۲۲۲)

## هڪ ميل تائين سيني جي گُڙگُڙاهٽ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو!

حُجَّةُ الِاسلام حضرت امام ابوحامد محمّد بن محمّد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه نقل فرمائن ٿا: حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيهِ السَّلَام جڏهن نماز جي لاءِ بيهندا هئا تہ خوف خدا جي سبب ايترو تہ روئيندا هئا جو هڪ ميل جي فاصل کان سندن سيني ۾ تيندڙ گُڙگُڙاهٽ جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو هو.

(اِحياءُ العلوم ج 4 ص 224)

جی چاہتا ہے پھوٹ کے روئوں ترے ڈر سے

اللہ! مگر دل سے قَساوَت[1] نہیں جاتی

## سرڪار مدينہ کان پوءِ ڪنهن جو رتبو آهي؟

سُبْحٰنَ اللّٰه! جنهن جو مرتبو الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ جيترو وڏو هوندو آهي، اهو ايترو ئي خوفِ خدا رکڻ وارو هوندو آهي جيئن

[1] يعني سختي

هاڻي اوهان حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيهِ السَّلام جي گريہ زاري جو حال ٻڌو. پاڻ عَلَيهِ السَّلام جي عظيم الشان رتبي جي چا ڳالھ ڪجي! جي ها! اسان جي مڪي مدني آقاءِ مني مني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پوءِ سڄي مخلوق ۾ پاڻ عَلَيهِ السَّلام ئي افضل آهن! جيئن فَقِيہِ ملّت حضرت علامہ مولانا مفتي جلال الدين امجدي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه سوال جواب تي مشتمل پنهنجي ڪتاب ”**اسلامي تعليم**“ صفحي 194 کان 195 تي فرمائن ٿا: ”حضور صَلَّى اللهُ عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پوءِ سڀ کان وڏي رتبي وارو حضرت **ابراهيم خليل الله** عَلَيهِ السَّلام آهي، پوءِ حضرت موسيٰ **ڪليم الله** عَلَيهِ السَّلام پوءِ عيسيٰ **روح الله** عَلَيهِ السَّلام ۽ (پوءِ) حضرت نوح **نجي الله** عَلَيهِ السَّلام انهن حضرات کي مُرسلينِ اُولُوالعزم چيو ويندو آهي.“

(اسلامي تعليم ص 195 بتغير)

## وڻ ٽڻ بہ روئڻ لڳا

**دعوتِ اسلامي** جي مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 160 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**خوفِ خدا**“ صفحي 45 تي آهي: حضرت يحيٰ عَلَيهِ السَّلام جڏهن نماز جي لاءِ بيهندا هئا تہ (خوفِ خدا سبب) ايترو تہ روئيندا هئا جو وڻ ۽ مٽي جا پتر بہ ساڻ روئڻ لڳندا هئا، ايستائين جو سندن والد محترم حضرت زڪريا عَلَيهِ السَّلام بہ ڏسي روئڻ لڳندا هئا ۽ ايتري قدر جو بيهوش ٿي ويندا هئا. لاڳيتو روئڻ سبب حضرت يحيٰ عَلَيهِ السَّلام جي مبارڪ ڳلن تي زخم ٿي ويا، سندن والده محترمہ پاڪ ڳلن تي پَشمي (يعني اُن جون) پٽيون چنبڙائيندي هئي، جڏهن بہ پاڻ نماز جي لاءِ بيهندا هئا تہ روئڻ لڳندا هئا، جنهن جي ڪري اهي

پَشمي پٽيون بہ آليون ٿي وينديون هيون، امڙ سائڻ انهن کي سڪائڻ جي لاءِ جڏهن نپوڙينديون هيون ۽ پاڻ عَلَيہ السَّلام پنهنجي اکين مان نڪرڻ وارو پاڻي ڪيس امڙ جي ٻانهن تي ڪرندي ڏسندا هئا تہ بارگاهِ الٰهي ۾ هينئن عرض ڪندا ها: اي الله پاڪ ! هي منهنجا ڳوڙها آهن، هي منهنجي ماءُ آهي ۽ مان تنهنجو ٻانهو آهيان جڏهن تہ تون اَرحَمَ الرَّاحمين يعني سڀ کان وڌيڪ رحم فرمائڻ وارو آهين.
(اِحياءُ العلوم ج 4 ص 225)

شرابِ محبّت کچھ ایسی پِلادے

کبھی بھی نشہ ہو نہ کم یا الٰہی

(وسائلِ بخشش ص۸۱)

## جنّت ۽ جهنّم جي وچ ۾ هڪ گهاٽي آهي

نبي ابنِ نبي حضرت يحيٰي عَلَيہ السَّلام هڪ ڀيرو ڪٿي گم ٿي ويا، سندن والد محترم حضرت زڪريا عَلَيہ السَّلام ٽي ڏينهن تائين ڳولهيندا رهيا، آخرڪار هڪ جڳهہ تي هن حالت ۾ مليا جو هڪ کوٽيل قبر ۾ ويهي روئي رهيا هئا، پاڻ عَلَيہ السَّلام فرمايو: اي منهنجا لال! مان ٽن ڏينهن کان توکي ڳولهي رهيو آهيان ۽ تون آهين جو هتي قبر ۾ ويهي ڳوڙها وهائي رهيو آهين؟ عرض ڪيائين: بابا جان! ڇا اوهان مون کي نہ ٻڌايو هو تہ جنت ۽ دوزخ ۾ هڪ گهاٽي آهي جنهن کي اهو ئي طئي ڪري سگهي ٿو جيڪو گهڻو روئڻ وارو هجي، تہ پاڻ

عَلَيهِ السَّلَام فرمايو: منهنجا پٽ! روئڻ ۽ هي فرمائي پاڻ بہ انهن سان گڏجي روئڻ لڳا.

(شعب الايمان ج 1 ص 493 حديث 809)

سرفراز اور سُرخرو مولیٰ
مجھ کو تو روزِ آخِرت فرما

(وسائلِ بخشش ص 113)

## لڙڪ جي هر قطري مان هڪ فرشتي جي پيدائش

الله پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي: الله ڪريم جا ڪجھ ملائڪ اهڙا آهن جنهن جا پهلو ربّ ڪريم جي خوف سان ڏڪندا رهن ٿا. انهن جي اکين مان وهندڙ هر لڙڪ جي قطري مان هڪ ملائڪ پيدا ٿيندو آهي، جيڪو بيهي ڪري پنهنجي ربّ ڪريم جي پاڪي بيان ڪرڻ شروع ڪندو آهي.

(شعب الايمان ج 1 ص 521 حديث 914)

ترے خوف سے تیرے ڈر سے ہمیشہ
میں تھر تھر رہوں کانپتا یا الٰہی

(وسائلِ بخشش ص۷۸)

## روئڻ وارو هرگز جهنم ۾ داخل نہ ٿيندو

الله پاڪ جي سچي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”خوف خدا سبب روئڻ وارو هرگز جهنم ۾ داخل نہ ٿيندو ايستائين جو کير ٿڻن ۾ واپس موٽي اچي.“ (شعب الايمان ج 1 ص 490 حديث 800) مشهور مفسر حڪيمُ

الأُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني جيئن ڏٿل ڪير جو ٽٽڻ ۾ واپس ٿيڻ محال آهي ائين ئي ان شخص جو دوزخ ۾ وڃڻ مُحال آهي جيئن ته ربّ ڪريم فرمائي ٿو:

حَتّٰى يَلِجَ الْجَمَلُ فِيْ سَمِّ الْخِيَاطِ ؕ

(پ 8، الاعراف 40)

**ترجموڪنزالعرفان**: ايستائين جو اُٺ سئي جي پاڪي ۾ داخل نہ ٿئي.

خوف خدا ۾ روئڻ جا ڪيترائي فضائل آهن اللہ پاڪ جنهن کي نصيب فرمائي.

(مرأةالمناجيح ج 5 ص 436)

قلبِ مُضطر کی لاج رکھ مولیٰ
یہ صدا میری چشمِ نَم کی ہے

(وسائلِ بخشش ص۱۲۵)

## خوف خدا سبب روئڻ وارو بخشيو ويندو

حضرت اَنَس رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد خوشگوار آهي: جيڪو شخص اللہ پاڪ جي خوف کان روئي اللہ پاڪ ان جي بخشش فرمائي ڇڏيندو آهي

(ابن عدي ج 5 ص 396)

سَوزِشِ سینہ و جگر دے دے
آرزو مجھ کو چشمِ نَم کی ہے

(وسائلِ بخشش ص۱۲۵)

## جيڪڏهن اوهان نجات چاهيو ٿا ته............

حضرت سيدنا عُقبہ بن عامِر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ عرض ڪيو: يارسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم نجات ڇا آهي، فرمايائون: ﴿1﴾ پنهنجي زبان کي روڪي رکو (يعني پنهنجي زبان اتي کوليو جتي فائدو هجي نقصان نہ ٿي) ۽ ﴿2﴾ توهان جو گهر توهان کي ڪفايت ڪري (يعني بلا ضرورت ٻاهر نہ نڪرو) ۽ ﴿3﴾ گناهن تي روئڻ اختيار ڪيو.

(سنن ج 4 ص 182 حديث 2414)

لائِقِ نار ہیں مِرے اعمال
التِجا یاخدا کرم کی ہے

(وسائلِ بخشش ص۱۲۵)

## بي انداز برسات شروع ٿي وئي

خوف خدا ۽ عشق مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ روئڻ مُقدر وارن جو حصو آهي، روئڻ جي سعادت حاصل ڪرڻ جي لاءِ روئڻ وارن جي صحبت نهايت فائديمند آهي، عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول ۾ توهان کي روئڻ وارا گهڻا ملندا، اوهان بہ عاشقان رسول جي صحبت اختيار ڪيو انهن سان گڏ مدني قافلن جا مسافر بڻجو. جيڪڏهن اوهان کي روئڻ نٿو اچي تہ اوهان کي بہ اِنْ شَآءَاللّٰه روئڻ اچي ويندو. اوهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار پيش ڪئي وڃي ٿي جيئن تہ سنتن جي تربيت جو هڪ مدني قافلو 12 ڏينهن جي لاءِ باب الاسلام سنڌ جي ضلع **"ٿرپارڪر"** جي هڪ ڳوٺ اسماعيل ڏاهٽي پهتو، هي علائقو ڪيترن ئي سالن

ڪان برسات جي برڪتن ڪان محروم هو، ۽ انهي ڪري ماڻهو ڏاڍا پريشان هئا. نماز ڪان پوءِ ماڻهن مدني قافلي وارن کي برسات جي دعا جي لاءِ چيو، عاشقان رسول هٿ کنيا، تمام نمازي به دعا ۾ شامل هئا. اجا دعا جاري هئي ته هڪدم رحمت جا ڪارا ڪڪر چائنجي ويا، ۽ ڏسندي ئي ڏسندي تمام بي انداز برسات شروع ٿي وئي جڏهن ته ڪجھ دير پهريان آسمان بلڪل صاف هو ۽ سج پنهنجي پوري روشني سان چمڪي رهيو هو، سجي ڳوٺ ۾ مدني قافلي جي ڌوم مچي وئي، هتان جي عالمن ۽ امام سڳورن انهي وسندڙ برسات کي دعوت اسلامي جي مدني قافلي وارن عاشقانِ رسول جي دعائن جو ثمر (يعني نتيجو) قرار ڏنو .

خوب ہوں بارِشیں، دور ہوں خارِشیں قَحط کے دن ٹلیں، قافلے میں چلو

برسے برسات جب، باغ و گلزار سب لہلہانے لگیں، قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## برسات جي پاڻي سان بيمارين جو علاج

سُبْحٰنَ الله! مدني قافلي جون به ڪيتريون برڪتون آهن! واقعي برسات الله پاڪ جي نعمت آهي، قرآن پاڪ سيپاري 26 سورة ق آيت 9 ۾ برسات کي "مَآءً مُّبٰرَكًا" **ترجمو ڪنزالايمان:** "برڪت وارو پاڻي" چيو ويو آهي.

دعوت اسلامي جي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل 40 صفحن تي مشتمل ڪتاب "راه خدا میں خرچ کرنے کے فضائل" صفحي 30 تي آهي: حضرت موليٰ علي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ هڪ ڀيري فرمايو: جڏهن اوهان مان ڪو

شخص شِفا چاهي تہ قرآن شريف جي ڪا آيت رڪابي (يعني ٿالهي) تي لکي ۽ برسات جي پاڻي سان ڌوئي ۽ پنهنجي گهرواريءَ ڪان سندس مهر مان هڪ درهم ان جي خوشي سان وٺي ان مان ماکي خريد ڪري پيئي بيشڪ شفا آهي.

(المواهب اللدنية ج 3 ص 48، فتاوٰي رضويه ج 23 ص 155)

هڪ طبيب جو چوڻ آهي: مون ڪيترن ئي مريضن کي مختلف بيمارين ۾ ماکي ۽ برسات جو پاڻي ڏنو آهي ۽ ان کي ٻين نسخن کان وڌيڪ فائديمند ڏٺو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خوفِ خدا سان روئڻ سنّت آهي

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي جڏهن هي آيت شريف نازل ٿي:

| | |
|---|---|
| اَفَمِنْ هٰذَا الْحَدِيْثِ تَعْجَبُوْنَ ﴿۵۹﴾ وَتَضْحَكُوْنَ وَلَا تَبْكُوْنَ ﴿۶۰﴾ (پ27،النجم:59،60) | **ترجموڪنزالعرفان**: پوءِ ڇا ان ڳالهہ تي توهان تعجب ڪيو ٿا؟ ۽ کِلو ٿا ۽ روئو نہ ٿا. |

تہ اَصحابِ صُفَّہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُم ايترو تہ رُنا جو انهن جا مبارڪ ڳِل ڳوڙهن سان پرجي ويا، انهن کي روئيندو ڏسي رحمت عالم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بہ روئڻ لڳا، پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڳوڙهن کي وهندو ڏسي اهي اصحاب سڳورا (رَضِیَ اللہُ عَنْہُم) ويتر وڌيڪ روئڻ لڳا، پوءِ پاڻ ڪريم

صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: اهو شخص جهنم ۾ داخل نہ ٿيندو جيڪو الله پاڪ جي خوف سبب رُنو هجي.

(شعب الايمان ج 1 ص 489 حديث 798)

اللہ! کیا جہنّم اب بھی نہ سرد ہو گا؟
رو رو کے مصطَفٰے نے دریا بہا دیئے ہیں

(حدائقِ بخشش شريف 102)

**شرح ڪلام رضا:** هن شعر ۾ منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امام اهلسنّت، مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه خداء غفار جي دربار ۾ عرض ڪن ٿا : ياالله پاڪ! ڇا جهنم جي باهه غلامان مصطفيٰ جي حق ۾ اڃا بہ ٿڌي نہ ٿيندي! منهنجا پيارا پيارا پروردگار! تنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي اُمت جي بخشش جي لاءِ دعائون ڪندي ايترا تہ رنا آهن جو تہ روئي روئي دريا وهائي ڇڏيا آهن.

خدائے غفّار بخش دے اب تو لاجِ محبوب رکھ ہی لے اب
ہمارا غمخوار فکرِ اُمّت میں دیکھ آنسو بہا رہا ہے

(وسائلِ بخشش ص۳۱۰)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## روئڻ جهڙي صورت بڻائي وٺو

اميرالمُؤمِنين حضرت ابوبڪرصديق رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ فرمايو: جيڪو شخص روئي سگهي ٿو تہ روئي ۽ جيڪڏهن روئڻ نٿو اچي تہ روئڻ جهڙي صورت ناهي.

(اِحياءالعُلوم ج 4 ص 201)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! يقيناً چڱن جي نقل بہ چڱي هوندي آهي، دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 318 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”فضائل دعا“صفحي 81 تي دعا جي قبوليت جي آدب نمبر 33 ۾ آهي: (دعا جي دوران) ڳوڙها وهائڻ جي ڪوشش ڪري جيتوڻيڪ هڪ قطرو هجي ڇوتہ دليل اِجابت (يعني قبوليت جو دليل) آهي، روئڻ نہ اچي تہ روئڻ وارن جيان چهرو ٺاهي ڇوتہ نيڪن جهڙي صورت ٺاهڻ بہ نيڪ (يعني سني) آهي، دعا جي بيان ڪيل ادب جي شرح ۾ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هي (روئڻ واري) صورت ٺاهڻ بہ نيّتِ تَشَبُّہ (يعني روئڻ وارن جي نقل) الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ آهي، نہ اهو جو ٻين کي ڏيکارڻ جي لاءِ، اهو (يعني ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ ڪرڻ) ريا ۽ حرام آهي، هي نڪتو ياد رهي.

نَدامت سے گناہوں کا اِزالہ کچھ تو ہو جاتا
مجھے رونا بھی تو آتا نہیں ہائے ندامت سے

(وسائلِ بخشش ص٢٣٨)

## مٽي ۾ ڏاڙهي ۾ اَٽو ڇنڊڻ جي انوکي وصيت

سنن جي نقل جي حوالي سان ”مَعدن اخلاق“ حصي اول صفحي 54 تي ڏنل دلچسپ حڪايت ڪجھ تبديلي سان عرض ڪيان ٿو: هڪ مسخري مرڻ وقت پنهنجي دوستن کي وصيت ڪئي تہ جڏهن مون کي دفن ڪرڻ لڳو تہ منهنجي ڏاڙهي ۾ مٽي جي وارن ۾ ”اَٽو ڇنڊي ڇڏجو“ دوستن چيو: يار! توهان حياتي ۾ تہ مذاق مسخري ڪندا هيؤ هاڻي آخري وقت ۾ تہ هن ڪان پاسو ڪر! ان چيو:

جيڪڏهن توهان منهنجا واقعي خير خواهه آهيو ته جيڪو مان چوان تو ايئن ڪجو، دوست ڪِلي ڪري راضي ٿي ويا ۽ وفات کان پوءِ ان کي دفن ڪرڻ مهل ڏاڙهي ۽ مٽي تي اُتو چنديو، ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هڪ پنهنجي مرحوم دوست کي خواب ۾ ڏسي پڇا ڪئي: مافَعَلَ اللّٰہُ بِك؟ يعني الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ مرحوم چيو: مون کان سوال ٿيو ته تو اُتو چنڊڻ جي وصيت ڇو ڪئي هئي؟ مون عرض ڪيو: ياالله پاڪ مون تنهنجي محبوب **مُحَمّد رسول الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ججي حديث** بڌي هئي، اِنَّ اللّٰهَ يَسْتَحِيْ عَنْ ذِی الشَّيْبَةِ الْمُسلِم (يعني بيشڪ الله پاڪ مسلمان جي پوڙهائپ کان حياءَ فرمائيندو آهي) (المعجم الاوسط ج 4 ص 82 حديث 5286) پوڙهو ٿيڻ منهنجي اختيار ۾ ته نه هو انهي ڪري سوچيم ته ”پوڙهن جيان شڪل“ ئي ناهيان، ته الله تعاليٰ فرمايو: وڃ! مون توکي بخشي ڇڏيو.

رحمتِ حق بہا، نہ مے جوید
رحمتِ حق بہانہ مے جوید
(الله جي رحمت قيمت ناهي گهرندي، الله جي رحمت بهانو گهرندي آهي)

## اڇا وار قيامت ۾ نور هوندا

اڄڪلهه عموماً وڏي عمر جا اسلامي ڀائر اڇن وارن کان لهرائيندا آهن حالانڪ مسلمان هجڻ جي حالت ۾ وڏپڻ جي ڪري اڇا وار ٿيڻ وڏي سعادت جي ڳالهه آهي جيئن ته **فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: سفيد وارن کي نه پٽيو، ڇوته هي قيامت جي ڏينهن نور هوندا، جنهن جو هڪ وار به سفيد ٿيو الله پاڪ ان جي لاءِ هڪ نيڪي

لکندو ۽ ان جو هڪ گناهه معاف فرمائيندو ۽ ان جو هڪ درجو بلند فرمائيندو.

(الترغيب والترهيب ج 3 ص 86 حديث 6)

## ڳوڙها نہ اُگھڻ جي فضيلت

اميرالمؤمنين حضرت مولاءِ ڪائنات، علي المرتضيٰ شيرخدا كَرَّمَ اللّٰهُ وَجْهَهُ الْكَرِيْم فرمايو: ”جڏهن توهان مان ڪنهن کي خوفِ خدا سبب روئڻ اچي تہ اهو لڙڪن کي ڪپڙي سان صاف نہ ڪري، بلڪ ڳلن تي وهڻ ڏي ڇو تہ اهو انهيءَ حالت ۾ ربّ تعاليٰ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيندو.“

(شعب الايمان ج 1 ص 493 حديث 808)

روتا ہوا میں آؤں داغِ جگر دکھاؤں  افسانہ بھی سناؤں میں اپنی بیکسی کا

(وسائلِ بخشش ص ۱۹۴)

## گھر ۾ لڪي ڪري روئڻ افضل آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! خوف خدا ۽ عشق مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ وهڻ وارا ڳوڙها بيشڪ نہ اگهڻ گهرجن پر ٻين جي موجودگي ۾ روئڻ وقت هي غور ڪرڻ ضروري آهي تہ ڪٿي نہ اُگهڻ جو هي مقصد تہ ناهي تہ ماڻهو منهنجا ڳوڙها ڏسي وٺن ۽ مون سان متاثر ٿين واهه واهه! وڏو نيڪ ماڻهو يا وڏو عاشق رسول آهي! جيڪڏهن مَعاذَاللّٰه ائين آهي تہ هي رياڪاري آهي، هاڻي ڳوڙها نہ اگهڻ جي فضيلت ڪهڙي! بلڪ جهنم جي حقداري آهي، جنهن کي سيني جي سامهون روئڻ ۾ رياڪاري جو انديشو هجي ان کي کپي تہ دعوت اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل 74 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”اخلاق صالحين“ صفحي 30 تي ڏنل هن حڪايت کي سامهون رکي جيئن

تہ حضرت ابو اُمامہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ هڪ شخص کي ڏٺو تہ اهو سجدي ۾ روئي رهيو آهي، فرمايائون: نِعمَ ھٰذا لَوْ کَانَ فِی بَیتِكَ حَیْثُ لَا یَرَاكَ النّاس۔ يعني هي (روئڻ) سنو ڪم آهي جيڪڏهن گهر ۾ هجي ها جاتي ماڻهو نہ ڏسن ها.

(تنبیہ المغترین ص 32)

میرے چِہرے پر کفن ڈھک دیجئے ساتھیو رُسوا مجھے مت کیجئے
بڑھتے جاتے ہیں گنہ عطارؔ آہ! کچھ تو اظہارِ ندامت کیجئے

(وسائلِ بخشش ص۲۱۹)

## ڳوڙهن کي ڏاڙهي سان صاف ڪندا ها

حضرت محمد بن مُنڪَدِر رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ جڏهن روئيندا هئا تہ پنهنجي چهري ۽ ڏاڙهي تي ڳوڙها مهٽي ڇڏيندا هئا ۽ فرمائيندا هئا تہ مون کي خبر پئي آهي تہ باهہ ان جڳهہ کي نہ ساڙيندي جتي خوفِ خدا سبب نڪرڻ وارا ڳوڙها لڳا هجن.

(احیاءالعُلوم ج 4 ص 201)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي .

اٰمِین بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

یاخدا بہرِ رضا عطارؔ کو وہ آنکھ دے
ہو غمِ محبوب میں آنسو بہانا جس کا کام

(وسائلِ بخشش ص۱۵۴)

## روئڻ نہ اچي تہ ڪوشش ڪري روئو

حضرت عبداللّٰه بن عَمرو بن عاص رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمايو: روئيندا ڪيو! جيڪڏهن روئڻ نہ اچي تہ روئڻ جي ڪوشش ڪيو، ان ذات جو قسم! جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! جيڪڏهن توهان مان ڪنهن کي علم هجي ها تہ اهو ايتري قدر رڙيون ڪري ها جو ان جو آواز ڦاٽي پوي ها ۽ هن طرح نماز پڙهي ها جو ان جي پٺي ٽُٽي پوي ها. (الزهد لابن المبارڪ ص 356 رقم 1007) هي نقل ڪرڻ کان پوءِ حُجَّةُ الاِسلام حضرت ابو حامد امام محمّد بن محمّد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اِحياءُالعُلوم جلد 4 صفحي 230 تي فرمائن ٿا: جڻ تہ انهن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ان حديث ڏانهن اشارو ڪيو جنهن ۾ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪڏهن توهان اها ڳالهہ ڄاڻو ها جيڪا مان ڄاڻان ٿو تہ توهان گهٽ کِلو ها ۽ گهڻو روئو ها.

(بخاري ج 4 ص 243 حديث 6485)

سوزِشِ عشق میں جلتا ہی رہوں میں ہر دم
آنکھ سے غم میں ترے خون برستا دیکھوں

(وسائلِ بخشش ص۱۲۱)

## اللّٰه پاڪ لڙڪ جي هڪ قطري سان باهہ جا ڪيئي سمنڊ وسائي ڇڏيندو

حضرت ابوسُليمان داراني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: (خوف خدا جي سبب) جيڪي اکيون پرجي اچن ان چهري تي قيامت جي ڏينهن سياهي ۽ ذلت نہ چڙهندي ۽ جيڪڏهن ان پرجي ويلن اکين مان لڙڪ جاري ٿي ويا تہ اللّٰه پاڪ ان لڙڪن جي پهرين قطري سان باهہ جا ڪيئي

سمنڊ وسائي ڇڏيندو ۽ جنهن قوم مان ڪو شخص (خوفِ خدا سبب) روئيندو آهي، ان قوم تي رحم ڪيو ويندو آهي.

(اِحياءالعلوم ج 4 ص 201)

آگ دوزخ کی جلا ہی نہیں سکتی ان کو
عشق کی آگ میں دل جن کے جَلا کرتے ہیں

(وسائلِ بخشش ص۱۴۳)

## هڪ هزار دينار صدقو ڪرڻ

حضرت عبدالله بن عَمرو بن عاص رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمايو: الله پاڪ جي خوف سبب لڙڪ جو هڪ قطرو وهڻ منهنجي ويجهو هڪ هزار دينار صدقو ڪرڻ کان بهتر آهي.

(شعب الايمان ج 1 ص 502 حديث 842)

دُرِّ نایاب بِلاشک ہیں وہ ہیرے انمول
اشک آقا کی جو یادوں میں بہا کرتے ہیں

(وسائلِ بخشش ص۱۴۳)

## زمين تي ڪرندڙ لڙڪ جي قطري جي فضيلت

حضرت ڪَعبُ الاَحبار رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمايو: خوف خدا سان لڙڪ وهائڻ مون کي پنهنجي وزن جي برابر سون صدقو ڪرڻ کان بہ وڌيڪ پسند آهي، ڇوتہ جيڪو شخص الله پاڪ جي ڊپ کان روئي ۽ ان جي لڙڪن جو هڪ قطرو بہ زمين تي ڪري پوي تہ باھ ان (روئڻ واري) کي نہ ساڙيندي.

(دُرّة الناصحين ص 235)

یاربّ بچالے تُو مجھے نارِ جحیم سے اولاد پہ بھی بلکہ جہنّم حرام ہو

(وسائلِ بخشش ص۱۸۹)

## خوف خدا کان نکرندڙ لڙڪ جو قطرو جنتي حور چهري تي مَلي ڇڏيو

حضرت احمد بن ابوالحواري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا مون خواب ۾ هڪ حور کي ڏٺو جنهن جي چهري تي نور جي چمڪ هئي

مون پڇيو: تنهنجي چهري تي هي چمڪ ڏمڪ ڇاجي ڪري آهي؟

اها چوڻ لڳي: توهان کي اها رات ياد آهي جنهن ۾ توهان رنا هئا؟

مون چيو: هائو ياد آهي، ان چيو: توهان جا لڙڪ مون کي آڻي ڏنا ويا ته مون انهن کي چهري تي مَلِي ورتو، منهنجي چهري تي هي چمڪ ڏمڪ انهن لڙڪن جي ڪري آهي.

(رساله قشيريه ص 422)

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب بخشش ٿئي .

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## گناهن جي باوجود خوش رهڻ جهنم ۾ ڪيرائي سگهي ٿو

هڪ عبادت گذار جو قول آهي: جيڪڏهن ڪو شخص گناهه ڪري ۽ کلي ته يقين ڄاڻو ته الله پاڪ ان بيباڪ کي جهنم ۾ وجهندو ۽ هي اتي روئيندو، ۽ جيڪڏهن ڪو شخص اطاعت ۽ بندگي بجا آڻي پوءِ

ﺑﻪ خوفِ خدا جي سبب روئي تہ يقين ڄاڻو اللّٰہ پاڪ ان کي جنت ۾ داخل ڪندو ۽ هي اتي خوشي سان رهندو.

(المنبهات علي الاستعداد ليوم المعاد ص 5 ملخصا)

عمر بدیوں میں ساری گزاری ہائے پھر بھی نہیں شرمساری
بخش محبوب کا واسِطہ ہے، یاخدا تجھ سے میری دُعا ہے

(وسائلِ بخشش ص۱۳۴)

## بيباڪي سان گناهہ ڪرڻ تمام سخت آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ائين تہ هر گناهہ برو ۽ جهنم ۾ وٺي ويندڙ ڪم آهي پر کلي کلي ڪري ۽ بيباڪي (يعني بي خوفي) سان گناهہ ڪرڻ هي تمام گهڻو تباهہ ڪن هوندو آهي، بنا خوف جي گناهہ ڪرڻ وارن کي اللّٰہ پاڪ جي قهر ۽ غضب کان ڊڄڻ گهرجي، خدا جو قسم! جهنم جي گرمي کي ﺑﻪ برداشت نہ ڪري سگهندو، اللّٰہ تبارڪ و تعاليٰ سيپاري 10 سورة التوبه جي آيت نمبر 81 کان 82 ۾ جهنم جي حالت جي باري ۾ ارشاد فرمايو آهي:

قُلْ نَارُ جَهَنَّمَ اَشَدُّ حَرًّا ؕ لَوْ كَانُوْا يَفْقَهُوْنَ ﴿۸۱﴾ فَلْيَضْحَكُوْا قَلِيْلًا وَّ لْيَبْكُوْا كَثِيْرًا ۚ

**ترجموڪنزالعرفان**: اوهان فرمايو: جهنم جي باهہ سڀ کان سخت گرم آهي، ڪنهن طرح اُهي ماڻهو سمجهن ها. پوءِ انهن کي گهرجي تہ ٿورو کلن ۽ تمام گهڻو روئن.

## ...تہ ٿورو کلو ھا ۽ وڌيڪ روئو ھا

صَدرالاَفاضِل حضرت علامہ مولانا محمد نعيمُ الدّين مراد آبادي رَحۡمَۃُ اللهِ عَلَيۡه هنن آيتن جي حوالي سان فرمائن ٿا: دنيا ۾ خوش ٿيڻ ۽ کلڻ چاهي کيتري بہ وقت جي لاءِ هجي پر اهو آخرت جي روئڻ جي مقابلي ۾ ٿورو آهي ڇو تہ دنيا فاني (يعني فنا ٿيڻ واري آهي) ۽ آخرت دائم(يعني هميشہ رهڻ واري) ۽ باقي آهي. يعني آخرت جو روئڻ دنيا ۾ کلڻ ۽ خبيث عمل (يعني گناھ) ڪرڻ جو بدلو آهي. حديث شريف ۾ آهي: سيد عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪڏهن توهان اهو ڄاڻو ها جيڪو مان ڄاڻان ٿو تہ ٿورو کلو ها وڌيڪ روئو ها.

(صحيح بُخاري ج 4 ص 243 حديث 6485)

مرے اَشک بہتے رہیں کاش! ہر دم
تِرے خوف سے یاخدا یا الٰہی

(وسائلِ بخشش ص۷۸)

## اي کِلي کِلي ڪري گناھ ڪرڻ وارؤ!

اي کِلي کِلي گناھ ڪرڻ وارا نادانؤ!هن ڪان پهريان جو موت توهان جي غفلت ڀري کِل جو خاتمو ڪري ڇڏي، سچي توبہ ڪري وٺو! پاڻ کي ڏيڄارڻ، سنجيده بنائڻ ۽ جهنم ۾ روئيندو وڃڻ کان بچائڻ جي لاءِ هن روايت تي غور ڪريو! جنهن ۾ حضُور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو آهي: اي انسانو! روئيندا ڪيو ۽ جيڪڏهن روئي نہ سگهو تہ روئڻ جي ڪوشش ڪندا ڪيو ڇوتہ جهنم ۾

جهنمي روئيندا ايستائين جو انهن جا لڙڪ انهن جي چهرن تي ائين وهندا ڄڻ اهي ناليون آهن، جڏهن لڙڪ ختم ٿي ويندا تہ رت وهڻ لڳندو ۽ اکيون زخمي ٿي وينديون جو ان ۾ جيڪڏهن ٻيڙيون هلايون وڃن تہ اهي هلڻ لڳن. (شرحِ السنة للبغوي ج 7 ص 565 حديث 4314) مشهور مفسر حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: يعني حياتي ۾ ئي پنهنجي گناهن کان ڊپ، رب جي خوف، ان جي رحمت جي شوق، ان جي حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عشق ۾ جيترو ٿي سگهي روئو اهڙي روئڻ جو انجام اِنْ شَآءَاللّٰه خوشي ۽ سُرهائي ٿيندي.

(مِراٰةُ المناجيح ج 7 ص 545)

مجھ خطار کار پر بھی عطا کر  بے حساب بخش دے ربِّ اکبر
مجھ کو دوزخ سے ڈر لگ رہا ہے  یا خدا تجھ سے میری دعا ہے

(وسائلِ بخشش ص۱۳۲)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب  صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## رقت انگيز دعا جي اثر ڪتي ڪان ڪتي پهچائي ڇڏيو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! شيطان کي ڀڄائڻ، ستل قسمت جاڳائڻ، خوف خدا ۾ روئڻ جو جذبو وڌائڻ، سچي توبہ جي سعادت ماڻڻ، غم مصطفيٰ ۾ لڙڪ وهائڻ ۽ پنهنجو سينو مدينو بڻائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان هر دم وابستہ رهو، پنهنجي ايمان جي حفاظت جي لاءِ تڙپندا رهو، نمازن جي پابندي جاري رکو، سنتن تي عمل ڪندي نيڪ

اعمال جي مطابق زندگي گذاريو ۽ ان تي استِقامت جي لاءِ روزانو ”جائزو“ وٺي ڪري نيڪ اعمال جو رسالو پُر ڪندا رهو ۽ هر مدني مهيني جي ابتدائي ڏهه تاريخ جي اندر پنهنجي علائقي جي ذميدار کي جمع ڪرايو ۽ پنهنجي هن مدني مقصد ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ جي حصول خاطر پابندي سان هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽن ڏينهن جي سنتن جي تربيت جي مدني قافلي ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪيو، اچو اوهان جي ترغيب جي لاءِ مدني بهار ٻڌايان: تاندليانوالہ (ضلع سردار آباد پنجاب) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي: اَلْحَمْدُ لِلّٰه مون جڏهن ڀهرين ڀيري (1426 ھ بمطابق 2005) ۾ بين الاقوامي ٽن ڏينهن جي سنتن ڀريي اجتماع (صحراءِ مدينہ ملتان شريف) ۾ شرڪت ڪئي تہ ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويس ۽ ايترو تہ جذبو مليو جو ڪراچي اچي دعوت اسلامي جي جامعة المدينہ ۾ درسِ نظامي ۾ داخلا ورتي ۽ هي بيان ڏيڻ وقت الحمدلله! دوره حديث ڪري رهيو آهيان، منهنجو هڪ دوست ڀهريان ديني ماحول ۾ هو پر اهو شرابين جي صحبت سبب خراب ٿي ويو ۽ مَعاذَالله نماز پڙهڻ بہ ڇڏي ڏنائين، مون کي ان جو تمام گهڻو ڏک هو، مان جڏهن پنهنجي ڳوٺ مَسَّرِيرَه چڪ، تاندليانوالہ ويندو هئس تہ ان تي انفرادي ڪوشش ڪندو هئس تہ هو ڌيان نہ ڏيندو هو پر مون همٿ نہ هاري،

اَلحَمدُلله! مون (1427ھ بمطابق 2006ع) ۾ ان کي ٽن ڏينهن جي سنتن ڀريي اجتماع (صحراءِ مدينہ مدينة الاولياء ملتان شريف) جي دعوت پيش ڪئي، اجتماع آيو، گذري ويو منهنجي ان سان ملاقات نہ ٿي سگهي، عيد جي ٻي ڏينهن مون پنهنجي گهر مان جهاتي پاتي تہ هڪ هلڪي ڏاڙهي وارو باعمامہ اسلامي ڀاءُ ٻري ڪان اسان جي گهر ڏانهن اچي رهيو هو، مان ان کي سڃاڻي نہ سگهيس، جڏهن اهو ويجهو آيو تہ مان خوشي مان جهومڻ لڳس چوتہ هي تہ منهنجو اهو ئي وڇڙيل دوست هو، مون اتي محبت وچان ان کي ڀاڪر پاتو، ۽ ديني ماحول ۾ واپسي تي مبارڪ پيش ڪئي، جڏهن ان کان هن مدني انقلاب جو سبب دريافت ڪيو تہ چوڻ لڳو: اوهان جي دعوت تي ٽن ڏينهن جي سنتن ڀريي اجتماع (صحراءِ مدينہ ملتان شريف) ۾ حاضر ٿيو هئس، اتي جي اختتامي رقت انگيز دعا ۾ منهنجي دل مدني چوٽ کاڌي، دعا ۾ خوف خدا سبب روئڻ لڳس، منهنجي ضمير مون کي جاڳايو تہ ڏس تہ سهي! نيڪ پرهيزگار عاشقان رسول تہ گناهن کان توبہ ڪندي پنهنجي پروردگار جي دربار ۾ ٻاڏائي رهيا آهن ۽ ڳوڙها ڳاڙهي رهيا آهن جڏهن تہ تون يقيني طور تي متي کان پيرن تائين گناهن ۾ گهريل آهين پر توکي ان جو ڪو احساس ئي ناهي! بس ادا! منهنجو بہ بند ٽٽو، مان بہ تمام گهڻو رنس ۽ روئي روئي پنهنجي گناهن کان توبہ ڪئي، ۽ انهي وقت ڏاڙهي شريف وڌائڻ ۽ عمامو شريف سجائڻ جي پڪي نيت ڪئي. اَلحَمدُلله! ان پر جوش انداز ۾ دعوت اسلامي جي ديني ڪمن جون ڌومون مچائڻ شروع

ڪري ڏنائين، عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ ڪراچي ۾ حاضر ٿي مدني قافلہ ڪورس ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي ۽ ترقي ڪندي اٺن نون مهينن ۾ دعوت اسلامي جي ذيلي مشاورت جا نگران بڻجي ويا.

بُری صحبتوں سے کنارہ کشی کر — کے اچھّوں کے پاس آکے پا مَدَنی ماحول
تَنزّل کے گہرے گڑھے میں تھے اُن کی — ترقّی کا باعِث بنا مَدَنی ماحول

(وسائلِ بخشش ص۶۰۴)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب — صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دل دڙڪائڻ واري هڪ سچي داستان

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن مدني بهار مان اسان کي هي درس مليو تہ خاص ڪري پنهنجي ڄاڻ سڃاڻ وارن جي بداعمالين تي فڪرمند رهڻ ۽ انهن تي انفرادي ڪوشش جو سلسلو جاري رکڻ گهرجي، خبر ناهي ڪڏهن ڪنهن جي دل چوٽ ڪائي وڃي! ۽ هي بہ درس مليو تہ بري صحبت کان هميشہ بچڻ گهرجي جو هي چڱي ڀلي نيڪ انسان کي شيطان جي قدمن ۾ ڪٽي بيهاريندي آهي، هي تہ ان اسلامي ڀاءُ جي خوش نصيبي آهي جو پنهنجي همدرد اسلامي ڀاءُ جي تڙپ ۽ انفرادي ڪوشش جي صدقي شرابين جي صحبت کان بچڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو، نہ تہ بري صحبت ۽ خاص ڪري شرابين ۽ جوارين جي سنگت ائين تباهہ ٿي ڪري جو تباهي پڻ لرزي پوندي آهي! جوارين جي صحبت جي ڀيانڪ انجام جو سچو داستان دل جهلي ٻڌو ۽ بري صحبت کان هميشہ جي لاءِ توبہ ڪيو،

پنجاب (پاڪستان) جي هڪ علائقي ۾ هڪ عجيب ۽ غريب بدبو محسوس ٿيڻ لڳي، علائقي وارن خوب جستجو ڪرڻ کان پوءِ بدبو جو سُراغ لڳايو، اها بدبو هڪ گهر مان اچي رهي هئي تنهنڪري پوليس کي اطلاع ڏنو ويو، پوليس وارا ماڻهن جي موجودگي ۾ تالو ٽوڙي گهر ۾ داخل ٿيا ته هي ڏسي سڀ حيران ٿي ويا ته اتي هڪ کٽ تي هڪ جوان شخص جو لاش پيو آهي ۽ ان جا ڪجهه حصا ڳري چڪا آهن ۽ ان ۾ جيت هلي رهيا آهن، هي منظر ڏسي بارن سميت ڪيئي ماڻهو بيهوش ٿي ويا، تحقيق ڪرڻ تي خبر پئي ته هي نوجوان محنت مزدوري ڪرڻ جي لاءِ ان علائقي ۾ آيو هو، ڪرائي جي جڳهه ۾ رهائش پذير هو ۽ ڪجهه جوارين سان ان جي دوستي هئي، هڪ ڏينهن هي نوجوان پنهنجي دوستن کان جوا ۾ تمام گهٽي رقم کٽي ويو، هارجي ويلن جواري دوستن هارايل رقم ان کان ڦرڻ جي لاءِ هن جي ڳچي ۾ رسو وجهي ۽ بجلي جا ڪرنٽ هڻي ڪري ان کي ماري وڌو، پوءِ ان کي بنا ڪفن دفن جي تالو لڳائي فرار ٿي ويا.

اے جُواری تُو جوئے سے باز آ　　ورنہ پھنس جائے گا جس دن تُو مرا

تُو نشے سے باز آ مت پی شراب　　دو جہاں ہو جائیں گے ورنہ خراب

ہو گیا تجھ سے خدا ناراض اگر

قبر سن لے آگ سے جائیگی بھر

(وسائلِ بخشش ص۶۶۹،۶۶۸)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب　　صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ










عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net